الدَّعوة السَّلفية السَّندية
Salafi Da'wah Sindh

بسم الله الرحمن الرحيم

صبح، شام ۽ نماز کان پوءِ جا

# مسنون اذڪار ۽ دعائون

بيشڪ اللّٰه جي ذڪر سان ئي دلين کي سڪون ملي ٿو.
(سورة الرعد، آيت 28)

# ڪاپي رائيٽ نوٽيس

هن ڪتاب جا سمورا حق Salafi Dawah Sindh وٽ محفوظ آهن.

هن ڪتاب جو ڪو به حصو، مڪمل يا جزوي طور، پبلشر جي لکت ۾ اجازت کان سواءِ ڪنهن به صورت ۾ نقل، ڇپائي، اسڪيننگ، فوٽو ڪاپي، رڪارڊنگ يا ڪنهن به برقي يا طباعتي ذريعي شايع ڪري يا ورهائي نٿو سگهجي.

خلاف ورزي جي صورت ۾ Salafi Dawah Sindh قانوني ڪارروائي جو حق محفوظ رکي ٿي.

ڪتاب جو نالو:

صبح، شام ۽ نماز کان پوءِ جا مسنون اذڪار ۽ دعائون

سنِ اشاعت: 2026ع

ويب سائيٽ: www.salafidawahsindh.com

اي ميل: manjhanddawah@gmail.com

## صبح، شام ۽ نماز کان پوءِ جا

# مسنون اذڪار ۽ دعائون

# فهرست

صبح جي وقت جا اذڪار ۽ دعائون ............... 1

شام جي وقت جا اذڪار .......... 12

سلام ڦيرڻ ڪان پوءِ جا اذڪار .......... 18

هر نماز ڪان پوءِ جي تسبيح، تحميد، تڪبير ۽ تهليل ... 23

فجر جي نماز ڪان پوءِ جا اذڪار .......... 25

مغرب جي نماز ڪان پوءِ جا اذڪار .......... 27

وتر نماز جي سلام ڦيرڻ ڪان پوءِ جا اذڪار .......... 28

اسلام، ايمان ۽ احسان .......... 29

اسلام جا پنج رڪن .............. 29

ايمان جاڇهه رڪن .......... 31

حديثِ جبرائيل عَلَيْهِ الصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ .............. 35

توحيد ۽ ان جا قسم .............. 38

# صبح جي وقت جا اذڪار

**1 - ”أَصْبَحْنَا وَأَصْبَحَ الْمُلْكُ لِلَّهِ وَالْحَمْدُ لِلَّهِ لَا إِلَهَ إِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ، لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ، رَبِّ أَسْأَلُكَ خَيْرَ مَا فِي هَذَا الْيَوْمِ وَخَيْرَ مَا بَعْدَهُ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا فِي هَذَا الْيَوْمِ وَشَرِّ مَا بَعْدَهُ، رَبِّ أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْكَسَلِ وَسُوءِ الْكِبَرِ، رَبِّ أَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابٍ فِي النَّارِ، وَعَذَابٍ فِي الْقَبْرِ“**

اسان صبح ڪئي ۽ اللّٰه تعاليٰ جي سڄي ملڪ صبح ڪئي ۽ سڀ تعريفون اللّٰه تعاليٰ جي لاءِ آهن. ان کان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق نه آهي ۽ ان جو ڪو به شريڪ نه آهي، سڄو ملڪ ۽ تمام تعريف اُن جي لاءِ آهي ۽ اهو هر شيءِ تي وس وارو آهي. اي منهنجا پالڻهار! آئون تو کان هِن ڏينهن جي چڱائي ۽ هِن کان پوءِ جيڪي آهي تنهن جي ڀلائي گهران ٿو ۽ آئون هِن ڏينهن جي شر کان ۽ ان کان پوءِ ايندڙ شر کان تنهجي پناهه گهران ٿو.

اي منهنجا پالڻهار! آئون تو کان سستي ۽ پيري جي خرابيءَ کان پناهه گهران ٿو ۽ باهه جي عذاب کان ۽ قبر جي عذاب کان تنهنجي پناهه گهران ٿو. [صحيح مسلم: 6908]

## 2- ”اللَّهُمَّ بِكَ أَصْبَحْنَا وَبِكَ أَمْسَيْنَا وَبِكَ نَحْيَا وَبِكَ نَمُوتُ وَإِلَيْكَ النُّشُورُ“

اي اللّٰه! تنهنجي نعمت ۽ مدد سان اسان صبح ڪئي ۽ تنهنجي نعمت ۽ مدد سان اسان شام ڪئي. تنهنجي مدد سان جيئرا آهيون ۽ تنهنجي نالي ۽ حڪم سان مرندا آهيون ۽ تو ڏانهن ئي موٽڻو آهي. [صحيح ابي داود: 5068]

## 3- ”رَضِيتُ بِاللّٰهِ رَبًّا وَبِالْإِسْلَامِ دِينًا وَبِمُحَمَّدٍ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ نَبِيًّا“

آئون اللّٰه تعاليٰ جي رب هجڻ تي، اسلام جي دين هجڻ تي ۽ محمد ﷺ جي نبي هجڻ تي راضي آهيان.
[صحيح الترغيب: 657]

**4- ”أَصْبَحْنَا عَلَى فِطْرَةِ الْإِسْلَامِ، وَكَلِمَةِ الْإِخْلَاصِ، وَدِينِ نَبِيِّنَا مُحَمَّدٍ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، وَمِلَّةِ أَبِينَا إِبْرَاهِيمَ حَنِيفًا مُسْلِمًا وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِينَ“**

اسان صبح ڪئي فطرتِ اسلام ۽ ڪلمهِ اخلاص تي، ۽ پنهنجي نبي محمد ﷺ جي دين تي، ۽ پنهنجي پيءُ ابراهيم عَلَيْهِ الصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ جي ملت تي، جيڪو هڪ طرفو مسلمان هو ۽ مشرڪن مان نه هو. [الصحيحة: 2989]

**5- ”سُبْحَانَ اللّٰهِ وَبِحَمْدِهِ عَدَدَ خَلْقِهِ وَرِضَا نَفْسِهِ وَزِنَةَ عَرْشِهِ وَمِدَادَ كَلِمَاتِهِ“ [3 ڀيرا]**

اللّٰه تعاليٰ پنهنجي ساراهه سان گڏ پاڪ آهي پنهنجي مخلوق جي تعداد جي برابر، پنهنجي نفس جي رضا جي بقدر، سندس عرش جي وزن ۽ سندس ڪلمات جي مس جي برابر.
[الصحيحة: 2156]

**6- ”أَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ“**

آئون اللّٰه تعاليٰ کان بخشش گهران ٿو.
[100 ڀيرا بخشش گهرو. الصحيحة: 1600]

**7- ”اللَّهُمَّ أَنْتَ رَبِّي، لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ، خَلَقْتَنِي وَأَنَا عَبْدُكَ، وَأَنَا عَلَى عَهْدِكَ وَوَعْدِكَ مَا اسْتَطَعْتُ، أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا صَنَعْتُ، أَبُوءُ لَكَ بِنِعْمَتِكَ عَلَيَّ، وَأَبُوءُ لَكَ بِذَنْبِي فَاغْفِرْ لِي فَإِنَّهُ لَا يَغْفِرُ الذُّنُوبَ إِلَّا أَنْتَ“**

اي اللّٰه! تون منهنجو پالڻهار آهين، تو کان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق نه آهي. تو مون کي پيدا ڪيو آهي ۽ آئون تنهنجو ٻانهو آهيان. ۽ آئون توسان ڪيل عهد ۽ واعدي تي پهنجي وس آهر قائم آهيان (ته آئون تو تي ايمان آڻيندس، تنهنجي عبادت ڪندس ۽ تنهنجي حڪمن تي عمل ڪندس)، جيڪي مون ڪيو آهي تنهن جي برائيءَ کان تو کان پناه گهران ٿو. ۽ تو مون کي جيڪي نعمتون ڏنيون آهن آئون انهن (سڀني) جو اقرار ڪريان ٿو. ۽ آئون پنهنجي گناهن جو به اقرار ڪريان ٿو تنهنڪري مون کي معاف

ڪر، جو ته تو کان سواءِ ٻيو ڪو گناهہ بخشڻ وارو نه آهي.
[مختصر البخاري: 2420]

**8- ”يَا حَيُّ يَا قَيُّومُ بِرَحْمَتِكَ أَسْتَغِيثُ، أَصْلِحْ لِي شَأْنِي كُلَّهُ، وَلَا تَكِلْنِي إِلَى نَفْسِي طَرْفَةَ عَيْنٍ“**

اي سدائين زنده رهڻ وارا ۽ سڀ کي قائم رکڻ وارا! آئون تنهنجي رحمت جي وسيلي سان استغاثه (فرياد) ڪريان ٿو، منهنجي لاءِ منهنجا سڀ ڪم درست ڪري ڇڏ ۽ مون کي اک ڇنڀڻ جيترو به پنهنجي نفس جي حوالي نه ڪجان. [صحيح الترغيب: 661]

**9- ”اللَّهُمَّ فَاطِرَ السَّمَوَاتِ وَالْأَرْضِ عَالِمَ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ، رَبَّ كُلِّ شَيْءٍ وَمَلِيكَهُ، أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ نَفْسِي وَمِنْ شَرِّ الشَّيْطَانِ وَشِرْكِهِ، وَأَنْ أَقْتَرِفَ عَلَى نَفْسِي سُوءًا أَوْ أَجُرَّهُ إِلَى مُسْلِمٍ“**

اي الله! آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪرڻ وارا، هر ڳجھ ۽ ظاهر کي ڄاڻيندڙ، سڀ ڪنهن شيءِ جا پالڻهار ۽ هر شيءِ جا مالڪ!

آئون پنهنجي نفس جي شر کان ۽ شيطان جي شر کان ۽ شيطان جي شرڪ جي دعوت کان تنهجي پناهہ گهران ٿو، ۽ پنهنجي نفس تي ڪا برائي ڪريان يا اُن کي ڪنهن مسلمان جي مٿان آڻيان، تہ کان ان ڳالهہ جي پناهہ گهران ٿو. [صحيح الترمذي: 3529]

**10- ”اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ الْعَفْوَ وَالْعَافِيَةَ فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ، اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ الْعَفْوَ وَالْعَافِيَةَ فِي دِينِي وَدُنْيَايَ وَأَهْلِي وَمَالِي، اللَّهُمَّ اسْتُرْ عَوْرَاتِي، وَآمِنْ رَوْعَاتِي، وَاحْفَظْنِي مِنْ بَيْنِ يَدَيَّ، وَمِنْ خَلْفِي، وَعَنْ يَمِينِي، وَعَنْ شِمَالِي، وَمِنْ فَوْقِي، وَأَعُوذُ بِعَظَمَتِكَ أَنْ أُغْتَالَ مِنْ تَحْتِي“**

اي اللّٰه! بيشڪ آئون تو کان دنيا ۽ آخرت ۾ بخشش ۽ عافيت گهران ٿو. اي اللّٰه! آئون تو کان پنهنجي دين، دنيا، اهل ۽ مال جي بخشش ۽ عافيت گهران ٿو. اي اللّٰه! منهنجا عيب ڍڪي ڇڏ ۽ مون کي منهنجي گهٻراهٽ کان امن ڏي. اي اللّٰه! مون کي منهنجي اڳيان کان ۽ منهنجي پويان کان ۽ منهنجي ساڄي

پاسي کان ۽ ڪابي پاسي کان ۽ منهنجي مٿان کان حفاظت فرماءِ ۽ آئون تنهنجي عظمت جي وسيلي سان پناهہ گهران ٿو تہ اوچتو هيٺان کان هلاڪ ٿي وڃان. [صحيح ابي داود: 5073]

**11- ”لَا إِلَهَ إِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ، لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ“ [100 ڀيرا]**

اللّٰه تعاليٰ کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق نہ آهي، هو اڪيلو آهي، ان جو ڪو بہ شريڪ نہ آهي، ان لاءِ بادشاهي آهي ۽ سندس ساراهہ آهي، ۽ اهو هر شيءِ تي وس وارو آهي.
[صحيح الترغيب: 658]

**12- ”بِسْمِ اللّٰهِ الَّذِي لَا يَضُرُّ مَعَ اسْمِهِ شَيْءٌ فِي الْأَرْضِ وَلَا فِي السَّمَاءِ وَهُوَ السَّمِيعُ الْعَلِيمُ“ [3 ڀيرا]**

اللّٰه تعاليٰ جي نالي سان، جنهن جي نالي سان زمين توڙي آسمانن ۾ ڪا بہ شيءِ نقصان نہ ٿي پهچائي سگهي، ۽ اهو ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. [صحيح ابى داود 5088]

**13- ”اللَّهُمَّ عَافِنِي فِي بَدَنِي، اللَّهُمَّ عَافِنِي فِي سَمْعِي، اللَّهُمَّ عَافِنِي فِي بَصَرِي، لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ، اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْكُفْرِ وَالْفَقْرِ، اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ، لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ“ [3 ڀيرا]**

اي اللّٰه! مون کي منهنجي جسم ۾ عافيت عطا ڪر، اي اللّٰه! مون کي منهنجي ٻڌڻ ۾ عافيت عطا ڪر، اي اللّٰه! مون کي منهنجي نظر ۾ عافيت عطا ڪر، تو کان سواءِ ٻيو ڪو معبودِ حقيقي نه آهي. اي اللّٰه! بيشڪ آئون ڪفر ۽ تنگدستيءَ کان تنهنجي پناهه گهران ٿو، اي اللّٰه! بيشڪ آئون قبر جي عذاب کان تنهنجي پناهه گهران ٿو، تو کان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق نه آهي. [صحيح ابي داود: 5090]

**14- ”لَا إِلَهَ إِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ، لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ، يُحْيِي وَيُمِيتُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ“ [10 ڀيرا]**

اللّٰه تعاليٰ کان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق نه آهي، هو اڪيلو

آهي ۽ ان جو ڪو به شريڪ نه آهي، ان لاءِ بادشاهي آهي ۽ سندس ساراهه آهي، اهو ئي جيارڻ وارو آهي ۽ مارڻ وارو آهي، ۽ اهو ئي هر شيءِ تي وس وارو آهي. [صحيح الترغيب: 474]

**15- ”سُبْحَانَ اللّٰهِ الْعَظِيمِ وَبِحَمْدِهِ“ [100 ڀيرا]**

اللّٰه تعاليٰ پنهنجي ساراهه سان گڏ پاڪ آهي.

[مختصر مسلم: 1903]

**16- ”سُبْحَانَ اللّٰهِ“**

اللّٰه تعاليٰ پاڪ آهي.

**”الْحَمْدُ لِلَّهِ“**

سڀ ساراهه اللّٰه تعاليٰ جي لاءِ آهي.

**”اللّٰهُ أَكْبَرُ“**

اللّٰه تعاليٰ سڀ کان وڏو آهي.

[سڀ 100 ڀيرا] [صحيح الترغيب: 658]

**17- ﴿قُلْ هُوَ اللَّهُ أَحَدٌ﴾ (سورة الاخلاص)**
**﴿قُلْ أَعُوذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ﴾ (سورة الفلق)**
**﴿قُلْ أَعُوذُ بِرَبِّ النَّاسِ﴾ (سورة الناس)**

[سڀ 3 ڀيرا] [صحيح ابي داود: 5082]

**18- ”اللّٰهُ لَا إِلَهَ إِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّومُ لَا تَأْخُذُهُ سِنَةٌ وَلَا نَوْمٌ لَهُ مَا فِي السَّمَاوَاتِ وَمَا فِي الْأَرْضِ مَنْ ذَا الَّذِي يَشْفَعُ عِنْدَهُ إِلَّا بِإِذْنِهِ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ أَيْدِيهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ وَلَا يُحِيطُونَ بِشَيْءٍ مِنْ عِلْمِهِ إِلَّا بِمَا شَاءَ وَسِعَ كُرْسِيُّهُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضَ وَلَا يَئُودُهُ حِفْظُهُمَا وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيمُ“ [آية الكرسي]**

اللّٰه تعاليٰ اهو آهي جنهن ڪان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق نه آهي، اهو سدائين زنده ۽ قائم آهي. ڪيس نڪي جُهوتو اچي ٿو ۽ نه ئي ننڊ. جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو سندس (ملڪيت) آهي، ڪير آهي جيڪو سندس اجازت ڪان سواءِ ان وٽ (ڪنهن جي) سفارش ڪري سگهي؟ هو اڳيان توڙي

پٺيان وارين سڀ ڳالهيون (مستقبل ۽ ماضي) ڄاڻي ٿو. ۽ اهي سندس علم مان ڪنهن به شيءِ جو احاطو نٿا ڪري سگهن، سواءِ ان جي جنهن جو هو چاهي. سندس ڪرسي آسمانن ۽ زمين کي گهيري رکيو آهي، ۽ هو انهن ٻنهي جي حفاظت ڪندي نه ٿڪندو آهي ۽ هو سڀ کان بلند وڏي عظمت وارو آهي.

[صحيح الترغيب: 662]

# شام جي وقت جا اذڪار

**1- ”أَمْسَيْنَا وَأَمْسَى الْمُلْكُ لِلَّهِ وَالْحَمْدُ لِلَّهِ لَا إِلَهَ إِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ، لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ، رَبِّ أَسْأَلُكَ خَيْرَ مَا فِي هَذِهِ اللَّيْلَةِ وَخَيْرَ مَا بَعْدَهَا، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا فِي هَذِهِ اللَّيْلَةِ وَشَرِّ مَا بَعْدَهَا، رَبِّ أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْكَسَلِ وَسُوءِ الْكِبَرِ، رَبِّ أَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابٍ فِي النَّارِ، وَعَذَابٍ فِي الْقَبْرِ“**

اسان شام ڪئي ۽ اللّٰه تعاليٰ جي سڄي ملڪ شام ڪئي ۽ سڀ تعريفون اللّٰه تعاليٰ جي لاءِ آهن، ۽ ان کان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق نه آهي ۽ ان جو ڪو به شريڪ نه آهي. سڄو ملڪ ۽ تمام تعريف اُن جي لاءِ آهي ۽ اهو هر شيءِ تي وس وارو آهي. اي منهنجا پالڻهار! آئون تو کان هِن ڏينهن جي چڱائي ۽ هِن کان پوءِ جيڪي آهي تنهن جي ڀلائي گهران ٿو، ۽ آئون هِن ڏينهن جي شر کان ۽ ان کان پوءِ ايندڙ شر کان تنهجي پناهه گهران ٿو.

اي منهنجا پالڻهار! آئون تو کان سستي ۽ پيري جي خرابيءَ کان پناهه گهران ٿو ۽ باهه جي عذاب کان ۽ قبر جي عذاب کان تنهنجي پناهه گهران ٿو. [صحيح مسلم: 6908]

## 2- ”اللَّهُمَّ بِكَ أَمْسَيْنَا وَبِكَ أَصْبَحْنَا وَبِكَ نَحْيَا وَبِكَ نَمُوتُ وَإِلَيْكَ الْمَصِيرُ“

اي اللهﷻ! تنهنجي نعمت ۽ مدد سان اسان شام ڪئي ۽ تنهنجي نعمت ۽ مدد سان اسان صبح ڪئي. تنهنجي مدد سان جيئرا آهيون ۽ تنهنجي نالي ۽ حڪم سان مرندا آهيون ۽ تنهنجي طرف اسان جو اصل ٺڪاڻو آهي. [صحيح ابي داود: 5068]

## 3- ”أَعُوذُ بِكَلِمَاتِ اللهِ التَّامَّاتِ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ“ [3 ڀيرا]

آئون الله تعاليٰ جي مڪمل ڪلِمات جي وسيلي سان پناهه گهران ٿو، هر ان شيءِ جي شر (برائي) کان جنهن کي هن پيدا ڪيو. [مختصر مسلم: 1453]

4- ”اللَّهُمَّ أَنْتَ رَبِّي، لا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ، خَلَقْتَنِي وَأَنَا عَبْدُكَ، وَأَنَا عَلَى عَهْدِكَ وَوَعْدِكَ مَا اسْتَطَعْتُ، أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا صَنَعْتُ، أَبُوءُ لَكَ بِنِعْمَتِكَ عَلَيَّ، وَأَبُوءُ لَكَ بِذَنْبِي فَاغْفِرْ لِي فَإِنَّهُ لَا يَغْفِرُ الذُّنُوبَ إِلَّا أَنْتَ“

(ترجمو ۽ حوالو پهرين گذري چڪو)

5- ”يَا حَيُّ يَا قَيُّومُ بِرَحْمَتِكَ أَسْتَغِيثُ، أَصْلِحْ لِي شَأْنِي كُلَّهُ، وَلَا تَكِلْنِي إِلَى نَفْسِي طَرْفَةَ عَيْنٍ“

(ترجمو ۽ حوالو پهرين گذري چڪو)

6- ”اللَّهُمَّ فَاطِرَ السَّمَوَاتِ وَالْأَرْضِ عَالِمَ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ، رَبَّ كُلِّ شَيْءٍ وَمَلِيكَهُ، أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ نَفْسِي وَمِنْ شَرِّ الشَّيْطَانِ وَشِرْكِهِ، وَأَنْ أَقْتَرِفَ عَلَى نَفْسِي سُوءًا أَوْ أَجُرَّهُ إِلَى مُسْلِمٍ“

(ترجمو ۽ حوالو پهرين گذري چڪو)

7- ”اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ الْعَفْوَ وَالْعَافِيَةَ فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ، اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ الْعَفْوَ وَالْعَافِيَةَ فِي دِينِي وَدُنْيَايَ وَأَهْلِي وَمَالِي، اللَّهُمَّ اسْتُرْ عَوْرَاتِي، وَآمِنْ رَوْعَاتِي، وَاحْفَظْنِي مِنْ بَيْنِ يَدَيَّ، وَمِنْ خَلْفِي، وَعَنْ يَمِينِي، وَعَنْ شِمَالِي، وَمِنْ فَوْقِي، وَأَعُوذُ بِعَظَمَتِكَ أَنْ أُغْتَالَ مِنْ تَحْتِي“

(ترجمو ۽ حوالو پهرين گذري چڪو)

8- ”لَا إِلَهَ إِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ، لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ“ [100 ڀيرا]

(ترجمو ۽ حوالو پهرين گذري چڪو)

9- ”بِسْمِ اللّٰهِ الَّذِي لَا يَضُرُّ مَعَ اسْمِهِ شَيْءٌ فِي الْأَرْضِ وَلَا فِي السَّمَاءِ وَهُوَ السَّمِيعُ الْعَلِيمُ“ [3 ڀيرا]

(ترجمو ۽ حوالو پهرين گذري چڪو)

**10- ”اللَّهُمَّ عَافِنِي فِي بَدَنِي، اللَّهُمَّ عَافِنِي فِي سَمْعِي، اللَّهُمَّ عَافِنِي فِي بَصَرِي، لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ، اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْكُفْرِ وَالْفَقْرِ، اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ، لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ“ [3 ڀيرا]**

(ترجمو ۽ حوالو پھرين گذري چڪو)

**11- ”لَا إِلَهَ إِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ، لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ، يُحْيِي وَيُمِيتُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ“ [10 ڀيرا]**

(ترجمو ۽ حوالو پھرين گذري چڪو)

**12- ”سُبْحَانَ اللّٰهِ الْعَظِيمِ وَبِحَمْدِهِ“ [100 ڀيرا]**

(ترجمو ۽ حوالو پھرين گذري چڪو)

**13- ”سُبْحَانَ اللّٰهِ“، ”الْحَمْدُ لِلَّهِ“، ”اللّٰهُ أَكْبَرُ“ [سي 100 ڀيرا]**

(ترجمو ۽ حوالو پھرين گذري چڪو)

14- ﴿قُلْ هُوَ اللَّهُ أَحَدٌ﴾ (سورة الاخلاص)
﴿قُل *أَعُوذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ﴾ (سورة الفلق)
﴿قُلْ أَعُوذُ بِرَبِّ النَّاسِ﴾ (سورة الناس) [سپ 3 ڀيرا]

(حوالو پهرين گذري چڪو)

15- ”اللّٰهُ لَا إِلَهَ إِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّومُ لَا تَأْخُذُهُ سِنَةٌ وَلَا نَوْمٌ لَهُ مَا فِي السَّمَاوَاتِ وَمَا فِي الْأَرْضِ مَنْ ذَا الَّذِي يَشْفَعُ عِنْدَهُ إِلَّا بِإِذْنِهِ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ أَيْدِيهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ وَلَا يُحِيطُونَ بِشَيْءٍ مِنْ عِلْمِهِ إِلَّا بِمَا شَاءَ وَسِعَ كُرْسِيُّهُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضَ وَلَا يَئُودُهُ حِفْظُهُمَا وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيمُ“

(ترجمو ۽ حوالو پهرين گذري چڪو)

# نماز کان پوءِ جا اذڪار ۽ دعائون

## سلام ڦيرڻ کان پوءِ:

هر نماز کان پوءِ سنت پڙهڻ کان اڳ هي اذڪار پڙهڻ گهرجن.

[الصحيحة ج 1 ص 211]

**1- ”أَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ“ [3 ڀيرا]**

آئون اللّٰه تعاليٰ کان بخشش گهران ٿو.

**2- ”اللَّهُمَّ أَنْتَ السَّلَامُ، وَمِنْكَ السَّلَامُ، تَبَارَكْتَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْإِكْرَامِ“**

اي اللّٰه! تون سلامتي وارو آهين ۽ تو وٽان ئي سلامتي ملي ٿي. اي جلال ۽ اڪرام وارا تون وڏو برڪت وارو آهين.

[صحيح مسلم: 1334]

**3- ”اللَّهُمَّ أَعِنِّي عَلَى ذِكْرِكَ وَشُكْرِكَ وَحُسْنِ عِبَادَتِكَ“**

اي اللهٰ! مون کي تنهنجي ذڪر ڪرڻ ۽ تنهنجو شڪر ادا ڪرڻ ۽ تنهنجي چڱي طرح عبادت ڪرڻ ۾ مدد فرماءِ.

[صحيح ابي داود: 1522]

**4- ”لَا إِلَهَ إِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ، لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ، اللَّهُمَّ لَا مَانِعَ لِمَا أَعْطَيْتَ وَلَا مُعْطِيَ لِمَا مَنَعْتَ، وَلَا يَنْفَعُ ذَا الْجَدِّ مِنْكَ الْجَدُّ“**

اللهٰ تعاليٰ ڪان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق نه آهي، اهو اڪيلو آهي ان جو ڪو به شريڪ نه آهي. ان جي بادشاهت آهي ۽ سندس ساراهه آهي. ۽ اهو هر شيءِ تي وس وارو آهي. اي اللهٰ! جيڪي تون عطا ڪرين تو تنهن کي ڪو روڪڻ وارو نه آهي ۽ جنهن کي تون روڪين تو تنهن کي ڪو عطا ڪرڻ وارو نه آهي ۽ تنهنجي اڳيان ڪنهن ماڻهو کي ان جي حيثيت ان کي ڪو فائدو نه ٿي ڏئي سگهي.

[صحيح بخاري: 844]

5- ”لَا إِلَهَ إِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ، لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ، وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ، لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللّٰهِ، لَا إِلَهَ إِلَّا اللّٰهُ، وَلَا نَعْبُدُ إِلَّا إِيَّاهُ، لَهُ النِّعْمَةُ، وَلَهُ الْفَضْلُ، وَلَهُ الثَّنَاءُ الْحَسَنُ،لا إِلَهَ إِلَّا اللّٰهُ، مُخْلِصِينَ لَهُ الدِّينَ وَلَوْ كَرِهَ الْكَافِرُونَ“

اللّٰه تعاليٰ کان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق نه آهي، اهو اڪيلو آهي ان جو ڪو به شريڪ نه آهي. ان جي بادشاهت آهي ۽ سندس ساراهه آهي ۽ اهو هر تي وس وارو آهي. اللّٰه تعاليٰ جي توفيق کان سواءِ برائي کان بچڻ ۽ چڱائي ڪرڻ جي ڪا طاقت نه آهي. اللّٰه تعاليٰ کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق نه آهي، اسين صرف ان جي عبادت ڪندا آهيون. ان جي طرف کان ئي نعمتون آهن ۽ ان جو ئي فضل آهي ۽ سندس تمام پياريون ساراهون آهن. اللّٰه تعاليٰ کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق نه آهي. اسين ان لاءِ دين کي خالص ڪرڻ وارا آهيون، چاهي جو ڪافرن کي ناگوار چو نه لڳي. [صحيح مسلم: 1341]

**6- ”اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي مَا قَدَّمْتُ وَمَا أَخَّرْتُ، وَمَا أَسْرَرْتُ وَمَا أَعْلَنْتُ، وَمَا أَسْرَفْتُ، وَمَا أَنْتَ أَعْلَمُ بِهِ مِنِّي، أَنْتَ الْمُقَدِّمُ وَأَنْتَ الْمُؤَخِّرُ لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ“**

اي اللهٰ! جيڪي گناهه مون پهريان ڪيا آهن ۽ جيڪي بعد ۾ ڪيا ۽ جيڪي لڪي ڪيا ۽ جيڪي ظاهر ڪيا ۽ جيڪو حد کان لنگهيو آهيان ۽ منهنجا اُهي گناهه ۽ غفلتون جيڪي تون مون کان وڌيڪ ڄاڻين ٿو، تن کي بخش. تون جنهن کي چاهين اڳتي ڪرين ۽ جنهن کي چاهين پوئتي ڪرين. تو کان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق نه آهي. [صحيح مسلم: 1848]

**7- ”اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي، وَتُبْ عَلَيَّ، إِنَّكَ أَنْتَ التَّوَّابُ الْغَفُورُ“ [100 ڀيرا]**

اي اللهٰ! مون کي بخش ۽ منهنجي توبه قبول ڪر، بيشڪ تون ئي توبه قبول ڪرڻ وارو بخشيندڙ آهين. [الصحيحة 2603]

**8- ”اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْجُبْنِ، وَأَعُوذُ بِكَ أَنْ أُرَدَّ إِلَى أَرْذَلِ الْعُمُرِ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ فِتْنَةِ الدُّنْيَا، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ“**

اي اللّٰه! آئون بزدليءَ کان تنهنجي پناهه گهران ٿو ۽ بيوسي واري عمر تائين پهچڻ کان پناهه گهران ٿو ۽ دنيا جي فتني ۽ قبر جي عذاب کان تنهنجي پناهه گهران ٿو.

**9- سورة الاخلاص، سورة الفلق ۽ سورة الناس.**

**[صحيح ابي داود 1523]**

**10- آية الڪرسي. [صحيح الترغيب 1595]**

# هر نماز ڪان پوءِ جي تسبِيح، تحمِيد، تڪبِير ۽ تهلِيل

هنن تسبيحات ڪي مختلف تعداد ۾ پڙهڻ ثابت آهي جن جا مختلف فضائل آهن.

**1- 33 ڀيرا سبحان الله، 33 ڀيرا الحمدلله، 34 ڀيرا الله اڪبر. [صحيح مسلم 1349]**

**2 - 33 ڀيرا سبحان الله، 33 ڀيرا الحمدلله، 33 ڀيرا الله اڪبر ۽ 1 ڀيرو هي ذڪر پڙهي: ”لَا إِلَهَ إِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ، لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ“ [صحيح مسلم 1352]**

**3- 25 ڀيرا سبحان الله، 25 ڀيرا الحمدلله، 25 ڀيرا الله اڪبر، 25 ڀيرا لا اله الا الله. [صحيح النسائي 1350]**

4- 10 ڀيرا سبحان اللّٰه، 10 ڀيرا الحمدللّٰه، 10 ڀيرا اللّٰه اڪبر. [صحيح ابي داود 5065]

5- 100 ڀيرا سبحان اللّٰه ۽ 100 ڀيرا لا اله الا اللّٰه. [صحيح النسائي 1353]

# فجر جي نماز کان پوءِ جا اذڪار

فجر جي نماز کان پوءِ هي اضافي اذڪار آهن.

**1- ”لَا إِلَهَ إِلَّا اللّٰهُ، وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ، لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ، يُحْيِي وَيُمِيتُ، وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ“ [10 ڀيرا] [صحيح الترمذي 3534، مسند احمد 227/4]**

(ترجمو پهرين گذري چڪو)

**1- ”لَا إِلَهَ إِلَّا اللّٰهُ، وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ، لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ، يُحْيِي وَيُمِيتُ، وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ“ [10 ڀيرا] [صحيح الترمذي 3534، مسند احمد 227/4]**

اللّٰه تعاليٰ کان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق نه آهي. هو اڪيلو آهي ان جو ڪو به شريڪ نه آهي. ان لاءِ بادشاهي آهي ۽ سندس ساراهه آهي. اهو جيارڻيندو آهي ۽ مارڻيندو آهي ۽ سڀ چڱائي ان جي هٿ ۾ آهي ۽ اُهو هر شيءِ تي وس وارو آهي.

[صحيح الترغيب 476]

**3- ”اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ عِلْمًا نَافِعًا، وَرِزْقًا طَيِّبًا، وَعَمَلًا مُتَقَبَّلًا“**

اي اللّٰه! بيشڪ آئون تو کان نفعي واري علم ۽ پاڪ روزي ۽ مقبول عمل جو سوال ڪريان ٿو. [صحيح ابن ماجه 935]

# مغرب جي نماز کان پوءِ جا اذڪار

مغرب جي نماز کان پوءِ هي اضافي اذڪار آهن

**1- ”لَا إِلَهَ إِلَّا اللّٰهُ، وَحْدَهُ لا شَرِيكَ لَهُ، لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ، يُحْيِي وَيُمِيتُ، وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ“ [10 ڀيرا]**

(ترجمو پهرين گذري چڪو)

**2- ”لَا إِلَهَ إِلَّا اللّٰهُ، وَحْدَهُ لا شَرِيكَ لَهُ، لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ، يُحْيِي وَيُمِيتُ، بِيَدِهِ الْخَيْرُ، وَهُوَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ“**

(ترجمو پهرين گذري چڪو)

# وتر نماز جي سلام ڦيرڻ کان پوءِ جا اذڪار

**1- ”سُبْحَانَ الْمَلِكِ الْقُدُّوسِ“**

اللّٰه تعالي پاڪ بادشاھ تمام عزت وارو ۽ تقديس وارو آهي.

هن کي ٽي ڀيرا پڙهڻ گهرجي، ۽ آخري ڀيرو ڇڪي ۽ ان کي بلند آواز سان پڙهجي. [صحيح النسائي 1731]

۽ ان جي پڇاڙيءَ ۾ چئو:

**2- ”رَبِّ الْمَلَائِكَةِ وَالرُّوحِ“**

ملائڪن ۽ روح جو پالڻهار. [الدارقطني 1644]

نوٽ: اسان وٽ تراويح جي من گهڙت دعا ”يا مجير يا مجير“ پڙهي ويندي آهي، اُها سنت مان ثابت نه آهي.

# اسلام، ايمان ۽ احسان

**اسلام جي وصف: اللّٰه تعاليٰ جي توحيد سان گڏ فرمانبرداري ۽ شرڪ ۽ مشرڪن کان بيزاري.**

## اسلام جا پنج رڪن

**1- شهادت:**

أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللّٰهُ وَأَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهُ وَرَسُولُهُ جو اقرار. مطلب ته اللّٰه تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪو به عبادت جي لائق نه آهي، ڀلي ڪو پيغمبر يا ولي هجي ۽ چاهي جو عبادت دل جي هجي يا زبان جي، مال جي هجي يا جسم جي هجي. ۽ محمد ﷺ اللّٰه تعاليٰ جو ٻانهو ۽ پيغمبر آهي، ان تي ايمان آڻڻ، ان جي ٻڌايل ڳالهين جي تصديق ڪرڻ ۽ سندس فرمانبرداري ڪرڻ ۽ نافرماني کان بچڻ ۽ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ جي سنت موجب اللّٰه تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ. دين ۾ پنهنجي طرفان نئون ڪم

ڪرڻ بدعت آهي ۽ هر بدعت گمراهي آهي، جنهن جي جاءِ دوزخ آهي.

**2- نماز قائم ڪرڻ:**

ڏينهن ۾ پنج وقت مڪمل توجهه ۽ اخلاص سان سنت مطابق نماز قائم ڪرڻ.

**3- زڪوات ڏيڻ:**

سال گذرڻ کان پوءِ مال، سون، چاندي، پئسا، زمين جي پيداوار ۽ واپار جي سامان تي نصاب مطابق مستحقن کي زڪوات ادا ڪرڻ.

**4- رمضان جا روزا رکڻ:**

رمضان المبارڪ ۾ اللّٰه تعاليٰ جي رضا لاءِ فجر کان مغرب تائين کائڻ پيئڻ ۽ ٻين شهوتن کان پري رهڻ.

**5- بيت اللّٰه جو حج ڪرڻ:**

جيڪو شخص مالي ۽ جسماني استطاعت رکي ٿو ته پوءِ زندگيءَ ۾ هڪ ڀيرو حج ڪري.

**ايمان جي وصف: زبان سان ايمان جو اقرار ڪرڻ، دل سان تصديق ڪرڻ ۽ ان تي پنهنجي جسم سان عمل ڪرڻ، جيڪو نيڪي ڪرڻ سان وڌندو آهي ۽ برو ڪم ڪرڻ سان گهٽجندو آهي.**

## ايمان جا ڇهه رڪن

### 1- الله تعاليٰ تي ايمان:

الله تعاليٰ جي وجود تي، سندس رب هجڻ تي، اڪيلي سچي معبود هجڻ تي ۽ سندس سهڻن نالن ۽ اعليٰ صفتن تي ايمان آڻڻ، انهن صفتن ۾ مخلوق مان ڪنهن کي به شريڪ نه ڪرڻ،نه انڪار ڪرڻ، نه مشابهت ڪرڻ ۽ نه ئي ڪيفيت بيان ڪرڻ ۽ نه ئي انهن صفتن کي حقيقي معنيٰ کان ڦيرائي ٻي معنيٰ بيان ڪرڻ اهو سڀ الله تعاليٰ تي ايمان آڻڻ ۾ شامل آهي.

### 2- ملائڪن تي ايمان:

اهي عالمِ غيب ۾ آهن، نور مان پيدا ڪيل آهن، الله تعاليٰ جي

نافرماني نه ڪندا آهن، انهن کي پَر آهن، ڪجه فرشتن جا نالا، صفتون ۽ خاص عمل به بيان ٿيل آهن، جهڙوڪ جبرائيل عَلَيْهِ الصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ وحي آڻيندو آهي، انهن سيني ڳالهين تي ايمان آڻڻ.

### 3- ڪتابن تي ايمان:

اللّٰه تعاليٰ انهن ڪتابن کي پنهنجي پيغمبرن تي حق سان نازل ڪيو آهي، انهن ڪتابن جي نالن تي ايمان آڻڻ، جن جا نالا آيا آهن جهڙوڪ توريت، زبور، انجيل ۽ قرآن، اڳين سيني ڪتابن جي تصديق ڪرڻ جن ۾ تحريف نه ڪئي وئي آهي ۽ انهن حڪمن تي عمل ڪرڻ جيڪي قرآن جي ذريعي منسوخ نه ڪيا ويا آهن. قرآن مجيد اللّٰه تعاليٰ جو ڪلام ان جي صفت آهي مخلوق نه آهي. اهو اڳين ڪتابن جو نگهبان ۽ انهن کي منسوخ ڪرڻ وارو آهي، ۽ اللّٰه تعاليٰ قيامت جي ڏينهن تائين سندس حفاظت جي ذميواري ڪنئي آهي. قرآن مجيد جي تفسير سنت سان ٿيندي آهي. اسان کي قرآن ۽ سنت تي سلف صالحين يعني صحابه، تابعين ۽

تبع تابعين ۽ انهن جي چڱيءَ طرح پيروي ڪندڙن جي واٽ تي هلڻ گهرجي ته جيئن گمراهي ۽ دوزخ کان بچي سگهون.

## 4- پيغمبرن تي ايمان:

الله تعاليٰ پنهنجن پيغمبرن کي مخلوق جي هدايت لاءِ موڪليو، جيڪي سڀ مرد هئا. سڀ نبي ۽ پيغمبر عَلَيْهِمُ السَّلَامُ جن جا نالا ڄاڻايل آهن جهڙوڪ نوح، ابراهيم، موسيٰ ۽ عيسيٰ عَلَيْهِمُ السَّلَامُ انهن تي نالن سان گڏ ايمان آڻڻ، انهن سان محبت ڪرڻ، انهن جي ٻڌايل ڳالهين جي تصديق ڪرڻ، جنهن ڳالهه جو حڪم ڏين ان تي عمل ڪرڻ، ۽ جنهن کان منع ڪن، تنهن کان رڪجي وڃڻ. محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ الله تعاليٰ جو آخري نبي ۽ رسول آهي ۽ ان کان پوءِ ڪو به رسول يا نبي نه ايندو، هاڻي الله تعاليٰ وٽ رڳو پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ جي تابعداري ڪرڻ ئي قبول آهي.

## 5- قيامت جي ڏينهن تي ايمان:

هِن ۾ موت جا مرحلا، قبر جا فتنا، ان جون نعمتون يا عذاب،

قيامت جي ويجهو هجڻ جون ننديون وڏيون نشانيون، صُور ڦوڪڻ، مئلن جو جيئرو ٿيڻ، حشر، حساب، ميزان، پل صراط، دوزخ ۽ جنت وغيره شامل آهن، جيڪي ڪتاب ۽ سنت مان ثابت ٿيل آهن، انهن تي ايمان آڻڻ ۽ ان لاءِ تياري ڪرڻ.

**6- سٺي ۽ خراب قسمت تي ايمان:**

اللّٰه تعاليٰ هر شيءِ، انسان ۽ ان جي عملن جو خالق آهي، شروع کان آخر تائين، جيڪو ٿيو، جيڪو ٿي رهيو آهي، جيڪو ٿيندو، جيڪو نه ٿيو، جيڪڏهن ٿئي ها ته ڪيئن ٿئي ها، انهن سڀني ڳالهين جو اللّٰه تعاليٰ وٽ هميشه کان علم آهي. اللّٰه تعاليٰ جي شرعي رضا ۽ ڪائنات ۾ هلندڙ ان جي مشيت ۾ فرق آهي، انسان نه ته مڪمل طور تي مجبور آهي ۽ نه ئي مڪمل طور تي آزاد آهي. اللّٰه تعاليٰ ڪيس ايمان ۽ ڪفر، چڱائي ۽ برائي جو اختيار ڏنو آهي ۽ ان اختيار جي باري ۾ ان کان پڇيو ويندو ۽ اجر ڏنو ويندو ۽ جزا ۽ سزا ملندي. البته انسان جي مشيت (مرضي) اللّٰه تعاليٰ جي مشيت (مرضي) جي هيٺيان آهي.

# حديثِ جبرائيل عَلَيْهِ الصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ

عمر بن خطاب رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته: اسين رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وٽ ويٺا هئاسين ته اوچتو اسان وٽ هڪ شخص ظاهر ٿيو جنهن جا ڪپڙا تمام اڇا ۽ وار تمام ڪارا هئا. نه ان تي سفر جا نشان هئا ۽ نڪي اسان مان ڪو ڪيس سڃاڻندو هو. پاڻ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ سان گڏ وڃي ويٺو ۽ پنهنجا هٿ پنهنجي رانن تي رکيائين. چيائين ته اي محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ! مون کي اسلام جي باري ۾ ٻڌايو؟ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اسلام اهو آهي ته توهان لا اله الا اللّٰه محمد رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ جي شاهدي ڏيو، نماز قائم ڪريو، زڪوٰة ڏيو، رمضان جا روزا رکو ۽ جيڪڏهن توهان ان جي استطاعت رکو ٿا ته اللّٰه تعاليٰ جي گهر جو حج ڪيو.

چيائين ته اوهان سچ فرمايو. عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ چوي ٿو ته اسين حيران ٿياسون ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ کان پڇي ٿو پوءِ پاڻ ئي

تصديق به ڪري ٿو. پوءِ چيائين ته مون کي ايمان جي باري ۾ ٻڌايو؟ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فرمايو ته ايمان اهو آهي ته اوهين اللّٰه تعاليٰ ۽ سندس ملائڪن تي ۽ سندس ڪتابن تي ۽ سندس پيغمبرن تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي ۽ سٺي ۽ خراب قسمت تي ايمان آڻيو. چيائين ته اوهان سچ فرمايو. پوءِ چيائين ته مون کي احسان جي باري ۾ ٻڌايو؟ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فرمايو ته احسان هي آهي ته اوهين اللّٰه تعاليٰ جي عبادت اهڙيءَ طرح ڪريو جڻ ته اللّٰه تعاليٰ کي ڏسي رهيا آهيو ۽ جيڪڏهن توهين ان کي نٿا ڏسو ته اللّٰه تعاليٰ اوهان کي ڏسي رهيو آهي. چيائين ته مون کي قيامت جي باري ۾ ٻڌايو؟ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فرمايو ته جنهن کان پڇيو وڃي پيو اهو سوال ڪندڙ کان وڌيڪ نه ٿو ڄاڻي. چيائين ته پوءِ مون کي قيامت جي نشانين جي باري ۾ ٻڌايو؟ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فرمايو ته لونڊي پنهنجي مالڪ کي جنم ڏيندي، ۽ تون ڏسندين ته اگهاڙن پيرن، ننگن جسمن ۽ مسڪين ٻڪرين جا

چاريندڙ هڪ بئي سان وڏيون عمارتون ٺاهڻ ۾ مقابلو ڪندا. عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ چوي ٿو ته هو هليو ويو ۽ اسين حيران ويٺا هئاسين. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فرمايو ته اي عمر! توکي خبر آهي ته سوال ڪندڙ ڪير هو؟ چيم ته اللّٰه تعاليٰ ۽ سندس پيغمبر صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بهتر طرح ڄاڻن ٿا. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فرمايو ته اهو جبرائيل عَلَيْهِ الصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ هو اوهان کي اوهان جو دين سيکارڻ آيو هو.

[امام مسلم ڪتاب الايمان ۾ پهرين حديث]

# توحيد ۽ ان جا قسم

## توحيد جي معنیٰ:

اللّٰه سُبْحَانَهُ وَتَعَالَىٰ کي سندس رب هجڻ، سچو معبود هجڻ، ۽ سندس سهڻن نالن ۽ اعليٰ صفتن ۾ ڪنهن کي به شريڪ ڪرڻ کان سواءِ قبول ڪرڻ توحيد آهي.

## توحيد جا قسم:

توحيد جا ٽي قسم آهن:

### 1- توحيد ربوبيت:

**اللّٰه** تعاليٰ کي ئي خالق، مالڪ، سڄي ڪائنات جو هلائڻ وارو رب سمجهڻ يعني اللّٰه تعاليٰ کي سندس ڪمن ۾ اڪيلو مڃڻ توحيد ربوبيت آهي.

### 2- توحيد الوهيت:

دل، زبان ۽ مال جي سڀني عبادتن ۾ فقط اللّٰه تعاليٰ کي اڪيلو مڃڻ، جيئن نماز پڙهڻ، دعاءَ گهرڻ، ظاهري سببن کان سواءِ مدد

وٺڻ، فرياد ڪرڻ، پناهه وٺڻ، سندس گهر جو حج ڪرڻ، منت، نياز ۽ قربانيون ڏيڻ، انهن عبادتن ۾ ڪنهن پيغمبر، ولي، ملائڪ، جن يا ڪنهن مخلوق کي شريڪ نه ڪرڻ.

**3- توحيد أسماءِ ۽ صفات:**

**الله** تعاليٰ جي انهن سڀني سهڻن نالن ۽ صفتن کي جيڪي ڪتاب ۽ سنت ۾ آيون آهن انهن تي ايمان آڻڻ، ان ۾ ڪنهن کي به شريڪ نه ڪرڻ ۽ نه ئي انهن جو انڪار ڪرڻ ۽ نه ئي انهن کي مخلوق سان مشابهت ڏيڻ ۽ نه ئي انهن جي اصل معنائن کان ڦيرائي بيان ڪرڻ. اهو ئي سڀني اصحابن ۽ سلف صالحين جو عقيدو هو.

الدعوة السلفية السندية

Salafi Da'wah Sindh

# سلفي علمائن جي ڪلام جو مستند سنڌي ترجمو

Masjid Salaf Sindh

@MasjidAsSalaf

Masjid As-Salaf As-Sālih